REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 04 اپريل 2024 ع بمطابق 24 رمضان المبارڪ 1445 ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 310

سنڌ ڪابينا سمورن ڪاتن ۾ ڀرتين تي لڳايل پابندي ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

عدالتن مان ڀرتين تي پابندين کي ختم ڪرايو وڃي: وڏي وزير جي قانون واري وزير ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي هدايت، سنڌ ڪابينه لاڙڪاڻي يونيورسٽي جي لاءِ 400 ملين روپين جي به منظوري ڏني

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج امپروومينٽ پراجيڪٽ ڊونر ايجنسيز جي تعاون سان 100 ملين ڊالر جا پراجيڪٽس شروع ڪيا آهن جن ۾ صاف پاڻي جي فراهمي، واٽر بورڊ جي انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ آهي: وڏو وزير

ڪي ڊبليو ايس ايس آءِ پي جي گڏيل لاڳت جو 40 سيڪڙو ورلڊ بينڪ، 40 سيڪڙو اي آءِ بي ۽ 20 سيڪڙو حڪومت ادا ڪندي، سنڌ ڪابينا پنهنجي حصي جي 646.756 ملين روپيه جاري ڪرڻ جي منظوري

ايمرجنسي ريسپونس جي سيني معاملن تي ڪم ٿي رهيو آهي. ڪي اير سي 23 ننڍن پراجيڪٽس مان 19 مڪمل ڪري ورتا آهن. رهيل چار منصوبا اپريل تائين مڪمل ٿي ويندا: سعيد غني

سنڌ حڪومت بزنس انوائرنمينٽ کي بهتر ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺي رهي آهي، سنڌ بزنس پورٽل کي ڪابينا مان منظوري ڪانپوءِ لاڳو ڪيو ويندو: وڏي وزير جون اجلاس ۾ ڳالهيون

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس، صوبائي وزيرن، صلاحڪار، چيف سيڪريٽري، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ لاڳاپيل ڪاتن جا سيڪريٽري شريڪ ٿيا

اسلام آباد (م ر) سنڌ حڪومت صوبي جي سمورن ڪاتن ۾ ڀرتين تي لڳايل پابندي ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. سنڌ جي وڏي وزير هدايت ڏني آهي ته عدالتن طرفان ڀرتين تي لڳايل پابندي به ختم ڪئي ويندي. رپورٽ موجب سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينه جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪار، چيف سيڪريٽري، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ لاڳاپيل ڪاتي جا سيڪريٽري شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ سنڌ ڪابينه سمورن ڪاتن ۾ ڀرتين تي لڳايل پابندي ختم ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي، سنڌ جي وڏي وزير قانون واري وزير ۽ ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ورلڊ بينڪ جي وفد سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

توهين عدالت جي درخواست: ڪي پي ڪي اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي نوٽيس جاري

پشاور (م ر) عدالت مخصوص سيٽن تي حلف نه کڻڻ تي توهين عدالت جي درخواست تي خيبرپختونخواهه اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. خيبرپختونخواهه اسيمبلي ۾ مخصوص سيٽن تي ميمبرن کان حلف نه کڻڻ جي حوالي سان توهين عدالت جي درخواستن تي ٻڌڻي پشاور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عدليه جي آزادي تي سوديبازي نه ٿيندي، ججن جي خط کي سنجيدگي سان وٺي رهيا آهيون: چيف جسٽس

ججز کي يقين هجڻ گهرجي ته ڪين ڪو خطرو ناهي، ائين نه ٿئي ته جيڪڏهن ڪا شڪايت هجي ته اها ججز جي ڳچي ۾ پئجي وڃي، اسان ججز جي خط کي سنجيدگي سان وٺي رهيا آهيون: چيف جسٽس

وڏو سوال اهو آهي ته جاچ ڪير ڪندو؟ اسان چاهيون ٿا ته جاچ اهي ڪن جيڪي معاملي کي سمجهن ٿا، مان ججز سان گڏ آهيان، اسان اڪيون ٻوٽي نٿا سگهون

ججز به چاهين ٿا ته جاچ ٿئي. مان فوري وزيراعظم سان ملاقات ڪئي، واضح پيغام ڏنو ته عدليه جي آزادي تي سوديبازي نه ٿيندي، اسان جو ڪم ناهي ته ڪنهن جي عزت کي ڇيهو رسايون

هڪ پاسي پارليامينٽ، ٻئي پاسي صدر ۽ ٽئين پاسي حڪومت آهي، اسان سيني جو احترام ڪريون ٿا ۽ سيني مان احترام جي اميد ڪريون ٿا. ٿي سگهي ٿو ايندڙ ٻڌڻي تي فل ڪورٽ ويهي

حڪومت عدليه جي آزادي لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪندي، يقين ڏياريان ٿو ته وفاقي حڪومت ڪو اهڙو عمل نه ڪندي جنهن سان عدليه جي آزادي متاثر ٿئي: اٽارني جنرل

سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 7 رڪني لارجر بينچ جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز جي ادارن پاران مبينا مداخلت بابت خط تي پاڻمرادي نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي

اسلام آباد (م ر) سپريم ڪورٽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز جي ادارن پاران مبينا مداخلت بابت خط تي پاڻمرادي نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته عدليه جي آزادي تي ڪابه سوديبازي نه ٿيندي، ڪنهن قسم جو حملو ٿيندو ته سڀ کان اڳ مان ۽ منهنجا ساٿي بيهندا. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 7 رڪني لارجر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي چئن ججن کي به ڌمڪي ڀريا خط ملڻ جو انڪشاف

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آپريشنز عدالت ۾ پيش ٿيو

هيل تائين ڪنهن وٽ انسپيڪٽر جنرل جي چارج ناهي، ان لاءِ اسلام آباد پوليس جا سڀ آپريشنز مان ڏسي رهيو آهيان: ڊي آءِ جي

ظاهري طور تي راولپنڊي جنرل پوسٽ آفيس لڳي ٿي، جي پي او ۾ پوسٽ ناهي ٿيو، ڪنهن ليٽر باڪس ۾ وڌو آهي

ڪراچي (رپورٽ) چيف جسٽس سميت سپريم ڪورٽ جي 4 ججز کي ڌمڪي وارا خط ملڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. ان کان اڳ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي چئن ججز کي به خط ملڻ جو انڪشاف ٿيو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ باني عمران خان 9 مئي ڪيسن ۾ بريت لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي

پي ٽي آءِ باني جي خلاف ڪيس جو چالان جمع ٿي ويو آهي، عمران خان ڪيترا ڪيسز رهن ٿا؟: جڊيشل مئجسٽريٽ

پي ٽي آءِ باني جي توشه خانه جي سزا معطل ٿي چڪي آهي، عدت ۾ نڪاح، سائفر ڪيس ۾ سزائون اڃان باقي آهن: وڪيل

اسلام آباد (م ر) 9 مئي ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي بريت لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ باني جي خلاف ٿاڻي ۾ داخل 9 مئي جي واقعن بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

صدر آصف زرداري سان آرمي چيف جي ملاقات، فوج خلاف الزامن تي ڳڻتي جو اظهار

آرمي چيف صدر آصف زرداري کي پاڪستان جي صدر ۽ هٿياربند فوج جي ڪمانڊر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني

رياست جي خودمختاري ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ ۾ فوج جي خدمت اهم حيثيت رکي ٿي: صدر آصف زرداري

صدر آصف زرداري قومي طاقت سان سمورن عنصرن کي دهشتگردي جو ڀرپور جواب ڏيڻ جو عزم پڻ ڪيو

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان آرمي چيف جنرل عاصم منير ملاقات ڪندي

اسلام آباد (م ر) صدر آصف علي زرداري سان آرمي چيف سيد عاصم منير ملاقات ڪئي آهي. آرمي چيف صدر آصف زرداري کي پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

وزيراعظم شهباز شريف پاران 10 کان 13 اپريل تائين عيد الفطر جي موڪلن جي منظوري

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف 10 کان 13 اپريل تائين عيد الفطر جي موڪلن جي منظوري ڏئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

5 وفاقي وزيرن کي اضافي قلمدان ملي ويا، نوٽيفڪيشن جاري

عبدالعليم خان کي مواصلات جو اضافي قلمدان ڏنو ويو، رانا تنوير کي فوڊ اينڊ سيڪيورٽي مليو

چوڌري سالڪ حسين کي مذهبي معاملن ۽ احسن اقبال کي بين الصوبائي رابطن وارا قلمدان مليا

اسلام آباد (م ر) 5 وفاقي وزيرن کي اضافي قلمدان ڏنا ويا. ڪابينا ڊويزن ان حوالي سان نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. ڪابينا ڊويزن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اينٽي ڪرپشن ڪاتي ۾ قانوني سڌارا آڻڻ ۽ عوام کي ڌوڪو ڏيندڙ عنصرن خلاف سخت ڪارروائي جو فيصلو

سنڌ جي اينٽي ڪرپشن ڪاتي جو پراسيڪيوٽرز ۽ جاچ آفيسرن آءِ اوز کي ٽريننگ ڏيڻ جو به فيصلو ڪيو آهي: محمد بخش مهر

اي ايس آئين، انسپيڪٽرز، سب انسپيڪٽرز سميت 400 ڪانسٽيبلن کي آءِ بي اي ۽ پبلڪ سروس ڪميشن جي ذريعي ڀرتي جا قدم کنيا ويندا

اينٽي ڪرپشن آفيسر ڪيسن کي نمٽائڻ لاءِ باقاعده اجلاس منعقد ڪن ۽ پنهنجي زونز ۾ سرپرائز دورا ڪري ڪرپشن خلاف مهم هلائين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران اينٽي ڪرپشن ڪاتي ۾ قانوني سڌارا آڻڻ، عوام کي ڌوڪو ڏيندڙ عنصرن خلاف ڪارروائي، پراسيڪيوٽرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: صوبائي وزير محمد بخش مهر اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاقي ڪابينا جو اجلاس اڄ طلب، معاشي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي

اسلام آباد (م ر) وزيراعظم شهباز شريف وفاقي ڪابينا جو اجلاس خميس تي طلب ڪري ورتو. اجلاس/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عمران خان جي جيل ۾ ماهوار سيڪيورٽي تي 12 لک رپيا خرچ، تفصيل عدالت ۾ پيش

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان کي جيل ۾ سيڪيورٽي ڏيڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

عمران خان لاءِ اڊيالا جيل ۾ ست سيل مختص آهن. هڪ سيل ۾ ڪيس رکيو ويو آهي، 6 سيل سندس لاءِ مختص آهن

لاهور (م ر) ايڊووڪيٽ جنرل پي ٽي آءِ باني عمران خان جي جيل ۾ سيڪيورٽي بابت عدالت کي آگاهه ڪري ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان کي جيل ۾ سيڪيورٽي ڏيڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، ان دوران ايڊووڪيٽ / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسان جو مينڊيٽ چوري ڪندڙ پارٽين سان اتحاد نه ٿيندو: بئرسٽر گوهر

ڪراچي جي 22 سيٽن مان مخالفن 3 سيٽون کٽيون آهن باقي اسان جون سيٽون آهن

انصاف ۾ دير نه ٿيڻ گهرجي، جهڙي ريت فيصلا ٿيا اهو طريقيڪار غيرقانوني هو

اسلام آباد (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئرسٽر گوهر علي خان ن ليگ، پ پ ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان سياسي اتحاد جو ٿاڻو رد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وڏي وزير سان عالمي بئنڪ جي اعليٰ سطحي وفد جي ملاقات، اهم رٿائن تي خيالن جي ڏي وٺ

منصوبن ۾ ڪم جاري آهي، چونڊن سبب ڪجهه منصوبن تي ڪم سستي جو شڪار ٿيو جن تي هاڻي ڪم تيز ڪيو ويو آهي: وڏو وزير

بيلو لائن بي آر ٽي لاءِ ڄام صادق پل جي اڏاوت جو ڪانٽريڪٽ سائن ٿي چڪو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ کي ٽيڪنيڪل سپورٽ ڏيڻ ۽ ايمرجنسي ريسپانس ڪلڪ پراجيڪٽ جو حصو آهن: سعيد غني

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بينهسين اعليٰ سطحي وفد سان گڏ ملاقات ڪئي آهي. ملاقات ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، ناصر حسين شاهه، سعيد غني، محمد بخش مهر، ڄام خان شورو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، نائين وارو سيڪريٽري فياض جتوئي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ورلڊ بينڪ جي وفد ۾ آپريشنز مئنيجر گيليس جي ڊيرجليس ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ورلڊ بينڪ جي مدد سان شروع ڪيل منصوبن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز اجلاس جي صدارت ڪري رهي آهي

اسٽريٽ ڪرائيم خلاف بيان ڏنو ته چيو ويو ته پنهنجو ڪم ڪر: ڪامران ٽيسوري

صوبي ۾ چورن جو اثر به وڌي رهيو آهي، خوشي آهي ته بلاول چيو ته ڪراچي کي اون ڪنداسين

گهرو وزير چيو ته جتي ڪاروبار هوندو آهي اتي ڏوهه به ٿيندا آهن پر دنيا ۾ ائين نٿو ٿئي

50 هزار ماڻهن لاءِ آءِ ٽي يونيورسٽي ناهي رهيا آهيون، حيدرآباد ڪانپوءِ ميرپورخاص ۽ ٻين ضلعن ۾ به آءِ ٽي پروگرام شروع ڪندا

اسلام آباد: وفاقي وزير چوڌري سالڪ سان ايراني سفير ملاقات ڪندي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن اسٽريٽ ڪرائم خلاف بيان ڏنو هو، جنهن جو جواب هو ته توهان پنهنجو ڪم ڪريو. گورنر هائوس ڪراچي ۾ سحري جو انعقاد ڪيو ويو جتي سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسٽريٽ ڪرائم وڌي رهيو آهي، صوبي ۾ چورن جو اثر به وڌي رهيو آهي، سندس چوڻ آهي ته گهرو وزير چيو ته جتي ڪاروبار هوندو آهي اتي ڏوهه به ٿيندا آهن پر دنيا ۾ ائين نٿو ٿئي، دنيا ۾ ائين ناهي ته ماڻهن جون زندگيون کسيون وڃن. چوڪرين سان زيادتي ٿئي، سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري چيو آهي ته ڪا به پارٽي شهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آرمي چيف پاران فوجي تربيتي ڪئمپ ۾ شامل ڪرڪيٽرن کي افطار جي دعوت

پاڪستاني ڪرڪيٽرن جي تربيتي ڪئمپ ست اپريل تي پڄاڻي تي پهچندي

ست اپريل جي منجهند جو رانديگر ايبٽ آباد کان راولپنڊي لاءِ روانو ٿيندا

راولپنڊي (م ر) آرمي چيف جنرل عاصم منير طرفان ڪاڪول ڪئمپ ۾ شرڪت ڪندڙ پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم جي رانديگرن کي افطار جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سعودي عرب ريڪوڊڪ رٿا ۾ سيڙپڪاري لاءِ تيار ٿي ويو

او جي ڊي سي ايل ۽ پي پي ايل جا شيئرز سعودي عرب کي وڪرو ڪيا ويندا

سعودي عرب ريڪوڊڪ ۾ سيڙپڪاري لاءِ وزيراعظم ڪميٽي قائم ڪندو

اسلام آباد (م ر) ريڪوڊڪ ۾ سعودي عرب طرفان هڪ ارب ڊالرز تائين سيڙپڪاري ڪرڻ جو امڪان آهي. نائين واري وزارت جي ذريعن موجب، او جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

چيني ڪمپني ديامر ڀاشا ڊيم تي ٻيهر ڪم شروع ڪري ڇڏيو

تقريبن 350 چيني شهري ڪم ڪري رهيا آهن، مقامي عملو اڳ ئي ڪم تي هو

داسو ڊيم تي ڪم ڪجهه ڏينهن ۾ ٻيهر شروع ڪيو ويندو: ذريعا

پشاور (م ر) تربيلا کان پوءِ چيني ڪمپني ديامر ڀاشا ڊيم تي ٻيهر ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي پر داسو ڊيم تي ڪم اڃان تائين معطل آهي. پروسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

رينجرز ۽ پوليس جون سنڌ جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروائيون، ڪيئي جوابدار گرفتار

گهوٽڪي جي علائقي ڳوٺ ڪوٽلا ويجهو پاڳو داهو ۾ رينجرز ۽ پوليس جي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي

مختلف ڏوهن ۾ ملوث راهب شر گينگ سان واسطو رکندڙ 6 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪارروائي دوران جوابدارن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تي فائرنگ، جوابي ڪارروائي ۾ هڪ جوابدار غلام نبي مارجي ويو

گهوٽڪي (رپورٽر) رينجرز ۽ پوليس پاران سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيلن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن. گهوٽڪي جي علائقي ڳوٺ ڪوٽلا ويجهو پاڳو داهو ۾ رينجرز ۽ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پي آءِ اي کي خانگائڻ جو عمل تيز، ڪميشن اهليت جي معيار جي منظوري ڏئي ڇڏي

پي آءِ اي جي نيلامي لاءِ واڪ لڳائيندڙ جي ڪاروبار جي ماليت گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه ارب رپيا هئڻ قرار ڏني وئي

واڪ لڳائڻ واري ڪنسورشيم کي مجموعي سالياني آمدني به سئو ارب رپيا ظاهر ڪرڻي پوندي

غير ملڪي ايئر لائين اڪثريتي شيئرز حاصل نٿي ڪري سگهي، مقامي سيڙپڪار سان ڀائيواري ڪرڻي پوندي

اسلام آباد (م ر) حڪومت قومي ايئرلائن پي آءِ اي کي خانگائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو آهي. نجڪاري ڪميشن بورڊ پي آءِ اي کي خانگائڻ لاءِ اهليت جي معيار جي منظوري ڏئي ڇڏي. نجڪاري ڪميشن بورڊ طرفان پي آءِ اي کي خانگائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب سان نيدرلينڊ جي سفير ملاقات ڪندي

سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري پاران گجر ۽ اورنگي نالي متاثرن کي پلاٽ ڏيڻ جو حڪم

عدالت چيف سيڪريٽري کي عمل ڪرائي رپورٽ سومر تي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

گجر ۽ اورنگي ٽائون نالن جي متاثرن طرفان سپريم ڪورٽ رجسٽري اڳيان احتجاج ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ڪراچي رجسٽري پاران گجر ۽ اورنگي نالي متاثرن کي پلاٽ ڏيڻ جو حڪم، عدالت چيف سيڪريٽري کي عمل ڪرائي رپورٽ سومر تي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو گجر ۽ اورنگي ٽائون نالن جي متاثرن طرفان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پاران شام ۾ ايراني سفارتخاني تي حملي جي مذمت

ڇڪتاڻ وڌائڻ کان پاسو ڪري تحمل جو مظاهرو ڪيو وڃي، حملو افسوسناڪ آهي: سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس

اسرائيلي حڪومت ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ بدران وڌائي رهي آهي، اسرائيل سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ کي نظرانداز ڪيو آهي: چين ۽ روس

اسلام آباد (م ر) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي اجلاس دوران شام جي گادي واري شهر دمشق ۾ ايراني سفارتخاني تي حملي جي مذمت ڪئي وئي، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس ڌرين کي اپيل ڪئي آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ بلند ترين سطح جو رڪارڊ ٺهي ويو

ڪاروباري ڏينهن جي شروعات سان ئي 100 انڊيڪس ۾ هاڪاري رجحان

هڪ موقعي تي 100 انڊيڪس 67 هزار 873 پوائنٽن تي ٽريڊ ڪندي ڏٺو ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس نئين تاريخ لکي ڇڏي اڄ ڪاروباري ڏينهن جي شروعات سان ئي 100 انڊيڪس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جي يو آءِ پاران 2 مئي تي ڪراچي ۾ حڪومت خلاف ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

2024 ع جي چونڊن کي تسليم نه ڪيو آهي، هاڻي ميدان ۾ اچي فيصلا ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي: راشد سومرو

وڏو وزير چوي ٿو ته سنڌ ۾ امن امان خراب آهي، هو ڪهڙي وات مان چئي رهيو آهي ته اڄ حالتون خراب آهن

امن امان خراب آهي، چورن کي پيپلز پارٽي جي سرپرستي حاصل آهي، ڪچي جي ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن

سجاول (ن س) جمعيت علماءِ اسلام ف جي اڳواڻ راشد سومرو چيو آهي ته جي يو آءِ 2018 ع جي چونڊن کي تسليم نه ڪيو، 2024 ع جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ججز کي خط ملڻ تي هاءِ ڪورٽ جي ججن ڊي آءِ جي پوليس کي ڇنڊ پٽي: عمر ايوب

اسان عدليا کي اماڻيل اهڙن خطن جي مذمت ڪريون ٿا، جنهن لفافي ۾ پائوڊر اماڻيو ويو ان جا فنگر پرنٽ چيڪ ڪيا وڃن

بدقسمتي سان اسلام آباد ۽ پنجاب پوليس ڪرپٽ ترين ڪاتا بڻجي چڪا آهن، جن جو ڪم اسان جي ورڪرز کي گرفتار ڪرڻ آهي

اسلام آباد پوليس جي آفيسرن ۽ ڊي سي کي انهي ڪري هاءِ ڪورٽ مان سزا ٿي، آمريڪا ۾ به اهڙن خطن جو معاملو سامهون آيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير اويس لغاري اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد (رپورٽر) قومي اسيمبلي جي مخالف ڌر اڳواڻ عمر ايوب خان چيو آهي ته ججز کي خط ملڻ تي هاءِ ڪورٽ جي ججن ڊي آءِ جي پوليس ڇنڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پنجاب سڀ کان وڌيڪ بجلي جا بل ڏيندڙ صوبو قرار، ڪي پي، سنڌ، بلوچستان ۾ چوري وڌيڪ

اسلام آباد (م ر) توانائي وزارت پاران پنجاب ۾ سڀ کان وڌيڪ بجلي جا بل ڏيندڙ صوبو قرار ڏنو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: مخالف ڌر اڳواڻ جي مقرري ڪانپوءِ نئين پارٽي پوزيشن جاري

اياز صادق سني اتحاد ڪائونسل کي پارلياماني پارٽي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

نئين پارٽي پوزيشن ۾ تحريڪ انصاف جي حمايت يافته ميمبرن کي آزاد ڏيکاريو ويو

اسلام آباد (م ر) مخالف ڌر اڳواڻ جي مقرري ڪانپوءِ نئين پارٽي پوزيشن جاري ڪئي وئي آهي. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق سني اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مبينا ڏيءَ لڪائڻ وارو معاملو، ٽيريان وائٽ ڪيس تي عيد کان پوءِ ٻيهر ٻڌڻي جو امڪان

اسلام آباد (م ر) عدالتي عملدارن چيو آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مبينا ڌيءَ ٽيريان وائٽ کي لڪائڻ/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف سان اسپين جي سفير ملاقات ڪندي

ملڪ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ملهه ۾ واڌ رڪارڊ

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر ست پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 277.91 رپين جو ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 6 پئسا گهٽجڻ بعد 279.98 رپيا رهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ملهه ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل انگ اکرن موجب، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

تائيوان ۾ زلزلي تباهي مچائي ڇڏي، ڪيترين ئي عمارتون پٽ پئجي ويون، سونامي الرٽ جاري

تائي پي ۾ زلزلي جا شديد جهٽڪا محسوس ڪيا ويا، ريڪٽر اسڪيل تي زلزلي جي شدت 7.5 رڪارڊ ڪئي وئي

زلزلي جا جهٽڪا چيني صوبي فوجيان ۾ به محسوس ڪيا ويا جنهن کان پوءِ شهرين ۾ خوف هراس پکڙجي ويو

تائي پي (م ر) تائيوان ۾ زلزلي جي لوڏن سبب زمين لڏي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي عمارتون پٽ پئجي وڃڻ سبب ڪيترن ئي ماڻهن جي فوت ٿيڻ جو امڪان آهي جڏهن ته سونامي جو الرٽ پڻ جاري ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي فش هاربر اٿارٽي ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف

رٿابندي ۽ ترقيات ڪاتي چيف سيڪريٽري کي اعليٰ سطح جي جاچ جي سفارش ڪري ڇڏي

فش هاربر کي ترقي ڏيڻ لاءِ ٺيڪيدار کي 34 ڪروڙ 99 لک رپيا ايڊوانس ادا ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي فش هاربر اٿارٽي ۾ ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف ٿيو آهي. رٿابندي ۽ ترقيات ڪاتي چيف سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

غلط خبر هلائي وئي، مان ڪنهن کي چماٽ ناهي وهائي ڪئي: شيرافضل مروت

وڊيو ۾ ڪٿي چماٽ نظر نه پئي اچي، اهو ڪارڪن نه پر منهنجو گارڊ هو، ڪيسن جي اسان کي ڳڻتي ناهي

ڪي پي پوليس پي ٽي آءِ ورڪرز سان ناانصافي ڪئي آهي، موجود آءِ جي هن مڙني ظلمن جو ذميوار آهي

پشاور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شير افضل مروت چيو آهي غلط خبر هلائي وئي، مان ڪنهن کي چماٽ واهي ناهي ڪئي، ميڊيا سان ڳالهائيندي شير افضل مروت چيو ته وڊيو ۾ ڪٿي چماٽ نظر نه پئي اچي، اهو ڪارڪن نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سڪرنڊ ۾ هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن کي باردانو نه ڏيڻ خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاج

پئي ڏينهن به مجيد ڪيريو ۾ سرڪاري گدامن اڳيان ٽوڪن هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ڪيلارام اوڊ، شاهنواز ڪيريو، عبدالقادر جيلاني، سجاد خاصخيلي، عابد ڪيريو ۽ ٻيا شريڪ

واپارين کان رشوت وٺي باردانو ڏيندڙ فوڊ جي آفيسرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: اڳواڻ

سڪرنڊ: قومپرست اڳواڻ ۽ ڪارڪن باردانو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪمار اوڊ) هارين ۽ ننڍن ڪاتيدارن کي باردانو نه ڏيڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي سڪرنڊ پاران پئي ڏينهن به مجيد ڪيريو ۾ سرڪاري گدامن اڳيان ٽوڪن هڙتال ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ميرپور ماٿيلو جي پير ڳوٺ ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو دربدر واري زندگي گذارڻ لڳو

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: پير ڳوٺ جي رهواسين پاران پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو دربدر واري زندگي گذارڻ لڳو. پيار جا دشمن جوڙي جا ويري بڻجي ويا، جوڙي جي حياتي کي خطرو، پريميڪا جي وارثن پاران پريمي جي وارثن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل، پريمي جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاج، پريمي جوڙي پاران تحفظ فراهم ڪرڻ توڙي ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سڪر ۾ پ پ شهيد ڀٽو سنڌ طرفان پريا ڪماري ۽ نويد لاشاري جي بازيابي لاءِ احتجاج، ڌرڻو

محمد زبير جتوئي، ڪريم سوهو جي اڳواڻي ۾ ڪارڪنن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

هاءِ ڪورٽ کان ريلي جي صورت ۾ سکر جي گلوبل چوڪ پهتي، گلوبل چوڪ وٽ ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو

تعلقہ صدر شهزاد سومرو ظفر جکراڻي عبدالسمي سومرو نگار بروهي مشرف جکراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو سنڌ طرفان پريا ڪماري ۽ نويد لاشاري جي بازيابي لاءِ سکر هاءِ ڪورٽ اڳيان ڪئمپ قائم ڪري ڌرڻو لڳايو ويو ها، ڪورٽ سکر ۾ سنڌ صوبائي صدر محمد زبير جتوئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڪر: پ پ (ش ڀ) پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽرڪول پروجيڪٽ جو ڦهريون ماڊل وليج ناقص مٽيرل سبب تباهه ٿي ويو، احتجاجي مظاهرو

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) ٽرڪول پروجيڪٽ جو ڦهريون ماڊل وليج ناقص مٽيرل سبب تباهه ٿي ويو ڳوٺاڻن خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا ان سلسلي ۾ ٽرڪول بلاڪ ٽو جي نيو ماڊل وليج ڳوٺ سنهري جي رهواسين نبي بخش درس، منظور علي درس ۽ طارق درس پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو ڏانهن ڏيندي چيو آهي ته اسان ڪوئلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪنڊڙي مان واپاري کان ٽيل ڦرجي رقم ڊرامائي انداز ۾ واپس ٿيڻ تي شهرين ۾ مختلف چرپول

شهر جي مشهور واپاري سيٺ احمد ڪتي کان هٿيارن جي زور تي ڦورو 10 لک ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا

سرعام ڦر ڪندڙن کي منظر عام تي آڻي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين: شهري

ڪنڊڙي (رپورٽر: محرم علي) ڪنڊڙي شهر مان واپاري کان ٽيل ڦرجي رقم ڊرامائي انداز ۾ واپس ٿيڻ جا چرپول متاثر واپاري واپارين ۽ شهرين کي مطمين رکڻ لاءِ نامعلوم جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو ڦورن کي منظر عام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سوشل ميڊيا تي غلط افواهن ۽ ڪردار ڪشي ڪئي پئي وڃي: راج ڪمار

سنگرار ۾ پريا ڪماري سبيل هلائيندي اغوا ٿي هئي جيڪا هن وقت تائين بازياب ناهي ٿي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي جوڙيل جي آئي ٽي وانگرهي جي آءِ ٽي کي مضبوط ڪيو وڃي

واويلا ۽ ڪردار ڪشي ڪندڙ خاموش ٿين، اسان جو موقف واضح آهي ته چورن ۽ ڏوهارين مان خطرو آهي

سکر: پريا ڪماري جو پيءُ راج ڪمار ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

نارو شاهه جي پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي خلاف متاثرن پاران احتجاجي مظاهرو

وقار ميمڻ ۽ سنڌس عزيزن پاران ماسترياڻي اسماءَ ميمڻ خلاف عملدارن کي درخواست ڏني وئي

اسماءَ ميمڻ شريف شهرين تي ڪوڙيون درخواستون ڪري انهن کي بليڪ ميل ڪري رهي آهي: الزام

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه جي پرائمري اسڪول جي ماسترياڻي عصما ميمڻ خلاف ... جي اعلي آفيسرن کي درخواستون ڪاروائي جو مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

مهانگائي تي ڪنٽرول ۽ ماڻهن کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪنزيومر ڪورٽون کوليون ويون: اويس احد ابڙو

توهان ڪلر پاڻ يا ڪاڏي پيتي جون شيون وٺو ته دوڪاندار کان اوريجل بل ضرور وٺو ۽ معاملي تي پڇا ڪريو

موروجا وڪيل به اوهان جي مدد ڪندا! توهان مهانگائي خلاف مورو ڪورٽ ۾ به درخواستون ڏئي سگهو ٿا

مورو تعلقہ بار ۾ ڪنزيومر ڪورٽ بابت ليڪچر پروگرام ۾ امين الدين خاصخيلي، قادر بخش ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر جي قديمي ۽ گنجان آبادي واري علائقي ۾ چوٿين ڏينهن به شهرين پاران احتجاج

شمس آباد ۽ ڪرم علي شاهه سمون اسٽريٽ ۽ موسي گهٽي جي رهواسين احتجاج ڪيو

گيس ڪمپني وارا گيس سپلاءِ لائين مان پريشر جو پائپ ڪيئن ۾ ناڪام آهن: مظاهرين

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي ٽين وڏي شهر سکر جي قديمي ۽ گنجان آبادي واري علائقي ۾ چوٿين ڏينهن به واري ڙ جي مولانا دين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو ۾ قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ سماجي ڪارڪن پاران احتجاجي مظاهرو

دادو (ن سنڌيار) قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ۽ سنڌ جي نامور سماجي ڪارڪن مقامي آبادگار لياقت علي جهتيال احتجاج ڪندي چيو ته دادو ۾ ڪٽڪ جي آبادگارن کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي سرڪاري باردانو فوڊ انسپيڪٽرن پاران آبادگارن ڪان لڪائي مقامي واپارين کي وڪرو ڪيو ويو آهي هن چيو ته فوڊ ڪاتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

وارهه ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي ڪٽڪ جو مناسب اگهه نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو

سرتاج چانڊيو، سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ مرڪ منان، عوامي تحريڪ ضلعي قمبر جي صدر پاران ريلي

سنڌ جي موجوده صورتحال ۾ هاري ۽ آبادگار کي متحد ٿي پنهنجي وجود جي ويڙهه ڪرڻي پوندي: مظاهرين

وارهه: سنڌي هاري تحريڪ پاران ڪڻڪ جو مناسب اگهه نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

وارهه (رپورٽر: طالب حسين چانڊيو) وارهه سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي وارهه ۾ ڪٽڪ جو مناسب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو باگو لڳ ننڊو روڊ تي ٽريڪٽر ٽالهي ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ 3 ڄڻا

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊو باگو لڳ ننڊو روڊ تي ٽريڪٽر ٽالهي ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ هن عورتن سميت 3 ڄڻا زخمي اسپتال داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سڪرنڊ ۾ سيفٽي بابت سيمينار منعقد

قانون جي آگاهي ۽ مان اسڪول جي استادن ۽ شاگردياڻين تمام گهڻو فائدو ٿيندو: عملدار

سيمينار ۾ روڊ سيفٽي متعلق پڇيل سوالن جا صحيح جواب ڏيڻ وارن شاگردن کي انعام پڻ ڏنا ويا

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪماراوڊ) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول سڪرنڊ ۾ روڊ سيفٽي سمينار منعقد ڪيو ويو سيڪٽر ڪمانڊر موٽروي فصل اڪرم ڀڌايو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سڪرنڊ: سيڪٽر ڪمانڊر موٽروي فصل اڪرم شاگردن کي خطاب ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ پرسان وڳڻ برادري ۽ مري برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار ۾ نوجوان قتل، لاش رکي ڇڏيو

موٽر سائيڪل تي سوار ٽن وڳڻ برادري جي برقعا پاتل هٿيارٻندن صدام پٽ يار محمد مري کي گوليون هنيون

مقتول جي وارثن روول هيلٿ سينٽر دريا خان مري آندو اسپتال ۾ ڊاڪٽر نه هجڻ خلاف ٽائرن کي باهيون ڏئي ڌرڻو هنيو

تڪرار ۾ رياض علي وڳڻ، استاد ننگر وڳڻ، عطا محمد وڳڻ، اميد علي وڳڻ، صدام وڳڻ ۽ ٻيا نوجوان قتل ٿي چڪا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) زميني تڪرار تان ٻارهون قتل، رپورٽ موجب دريا خان مري پرسان وڳڻ برادري ۽ مري برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار ۾ هڪ وڏيڪ جان هلي ويئي، ون ٽر فاءِ موٽر سائيڪل تي سوار ٽن وڳڻ برادري جي برقعا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي مچر ڪالوني ۾ قتل ٿي ويل ٺٽي واسي انجنيئر جي وارثن سان انصاف نه ٿيو

سنڌ سرڪار پاران فوتي نوجوان جي وارثن جي مدد لاءِ اعلانيل 50/50 لک به ملي نه سگهيا

نوجوان کي ڏيڍ سال اڳ مچر ڪالوني ڪراچي ۾ بيدردي سان قتل ڪيو ويو هيو: وارثن جون ڳالهيون

حڪمران اعلانيل رقم جاري ڪرائي وڃي، جيئن اسان تنگدسي واري زندگي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون

ٺٽو (ب) ڏيڍ سال اڳ مچر ڪالوني ڪراچي ۾ بيدردي سان قتل ٿي ويل ٺٽي واسي انجنيئر ايمن سعيد ۽ نوشهرو فيروز واسي اسحاق پنهور جي وارثن سان انصاف ٿي نه سگهيو. اڳوڻي سنڌ سرڪار پاران فوتي نوجوانن جي وارثن جي مدد لاءِ اعلانيل 50/50 لک به ملي نه سگهيا. فوتي نوجوانن جا وارث تنگدستي واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن. ان سلسلي ۾ ٺٽي واسي شهيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو غلام حيدر ماتلي هاءِ اسڪول 2 ۾ هلندڙ ڊوائيس سينٽر ۾ ناجائز ڪٽوتي ٿيڻ لڳي

انتظاميا ڊوائيس مافيا ماني ڪشميري خلاف ڪابه اثرائتي قانوني ڪاروائي عمل ۾ نه آڻي سگهي

ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ بااثر ڊوائيس مافيا ماني ڪشميري خلاف قانوني ڪاروائي ناهي ٿي سگهي: ذريعا

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ) ٽنڊو غلام حيدر ماتلي هاءِ اسڪول 2 ۾ هلندڙ ڊوائيس سينٽر ۾ مستحقن عورتن جي آيل قسط مان وڏي پيماني تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهڏو ٽائون انتظاميا 15 ڏينهن کان شهر ۾ پيئڻ جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو، شهري سخت پريشان

شهري شديد گرمي ۾ پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترڇڻ لڳا، واٽر سپلائي انتظاميا سرعام پاڻي وڪرو ڪرڻ لڳي

اڪثر علائقن حاجي عاشق ڪالوني، هاشم ڪالوني، عابد ڪالوني، ڪوسا پاڙو، علي ڪو هائوسنگ ۽ ٻيا متاثر

واٽر سپلائي انتظاميا اسان جو پاڻي سرعام ٽئنڪر مافيا سان ملي ڪري وڪرو ڪري رهي آهي: متاثرين جون ڳالهيون

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ ٽائون انتظاميا پندرنهن ڏينهن کان جهڏي شهر ۾ پيئڻ جو پاڻي بند ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

جهڏو: شهري وارهه مان پيئڻ جو پاڻي ڀري رهيا آهن

اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ گوراڻ جي رهواسين پاران باٿرن خلاف احتجاجي مظاهرو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ گوراڻ جي رهواسين ميگهواڙ برادري جي ٻن گهراڻن عورتن ۽ مردن جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانپور جوا، منشيات، ڪرڪيٽ، بڪ جوا ۽ سماجي برائين پوليس سرپرستيءَ ۾ ڳڙهه ٻڌيل

ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا، جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ جوان نشي جا عادي بڻجڻ لڳا زندگيون تباهه ٿين پيون

ڪرڪيٽ جوا تي لکين روپيا لٽجڻ لڳا پوليس جي سرپرستيءَ ۾ جوا هلي پئي جنهن سبب ڏوهه پڻ وڌن ٿا: اڳواڻ

وياج سبب سنڌن جا نسل به قرضي بڻجي وياج جو قرض لاهيندي پڇڻ سميت بڪون ڪاٽڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا

خانپور (رپورٽ عتيق ابڙو) خانپور جوا، منشيات، ڪرڪيٽ بڪ جوا ۽ سماجي برائين پوليس سرپرستيءَ ۾ ڳڙهه ٻڌيل. شهر ۾ کلي عام جوا جون تڪرين هلندڙ. ڪيترائي گهر تباهه ٿي ويا. جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ جوان نشي جا عادي بڻجڻ لڳا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جي ڊسٽرڪٽ باڊي جي چونڊ عمل ۾ آندي وئي

عبدالجبار ميمڻ صدر، مقبول احمد ميمڻ سينيئر نائب صدر ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا

زاهد حسين ميمڻ نائب صدر، نثار احمد ميمڻ نائب صدر، ارسلان علي ميمڻ جنرل سيڪريٽري ٿي ويا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جي ڊسٽرڪٽ باڊي جي چونڊ عمل ۾ آندي وئي، سنڌ ميمڻ اتحاد جي چيئرمين شرجيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نٽي ۾ ڊپٽي ڪمشنر پاران عيدالفطر جي موقعي تي سيڪيورٽي، صفائي سترائي جو جائزو

پاڻي جي فراهمي ۽ ٻين ضروري انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت دربار هال مڪلي ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي

پوليس، صحت، لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ، روينيو، حيسڪو، ميونسپل، ٽائون ۽ ڪاٽن عملدارن جي شرڪت

عيدالفطر دوران سمورين عبادگاهن سميت رهائشي علائقن جي صفائي سترائي کي پڻ يقيني بڻايو وڃي: منور عباس سومرو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو پاران عيد الفطر جي انتظامن جو جائزو وٺڻ بابت گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو جي صدارت هيٺ عيدالفطر جي موقعي تي ضلعي سيڪيورٽي، صفائي سترائي، پيئڻ جي صاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميرپور ماٿيلو ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نوجوان جي وارثن پاران احتجاج

غلام نبي ڪوسو جي وارثن لاش کڻائي ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس آڏو مظاهرو ڪيو

عورتن پاڪ ڪتاب کڻي پوليس خلاف هاءِوي تي ڌرڻو هڻي نيشنل هاءِوي بلاڪ ڪري ڇڏيو

نوجوان غلام نبي ڪوسو جي قتل جو ڪيس داخل نه ٿيندو تيستائين احتجاج جاري رهندو: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو: ڳوٺ مٺو ڪوسو واسي لاش رکي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: سرحد ٿاڻي جي حد ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سنگرار شهر مان اغوا ٿيل هندو نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ٽنڊو باگو ۾ احتجاج

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽي سال اڳ سنگرار شهر مان اغوا ٿيل هندو نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ٽنڊو باگو ۾ قومي عوامي تحريڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو شهر ۾ چٽن ڪتن جو آزار وڌي ويو، ٻارڙن جون جانيون داءُ تي لڳل

غريب آباد محلي ۾ نينگري تي ڪتن حملو ڪري ڪيس ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

ميونسپل ايريا ۾ چٽن ڪتن جو آزار ختم ڪرڻ لاءِ ميونسپل انتظاميه کي پابند ڪيو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر ۾ چٽن ڪتن جو آزار وڌي ويو ميونسپل ڪاميٽي دادو جي نااهلي سبب معصوم ٻارڙن جون جانيون داءُ تي لڳي ويون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروايون جاري

وومين پروٽيڪشن سيل جي انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي پاران ڪارروائي ڪئي وئي

ڪيس جا جوابدار اعجاز قمبراڻي، حسين بخش قمبراڻي ۽ جاويد قمبراڻي کي گرفتار ڪري ورتو

دادو (ن سنڌيار) ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار جي هدايتن تي قتل ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جون گرفتاريون عمل ۾ آنديون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سلطانپور ڪڻڪ لهي وئي سرڪاري خريداري مرڪز نه کلڻ ڪري وڏو نقصان پهچڻ لڳو

نارو، همٿ ۽ ڀرپاسي ۾ هزارين ايڪڙن تي ٻيٺل ڪڻڪ جو فصل پچي تيار ٿي ويو آهي: آبادگار

سلطانپور ۽ ڇيچڙو روپهر ۾ ڪٿي به خريداري سينٽرن تان آبادگارن کي باردانو ناهي ملي سگهيو

ڪڻڪ جو اگهه چار هزار ڏيڍ بجاءِ ٽي هزار رپيا في مڻ خريد ڪري آبادگارن کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن

سلطانپور (رپورٽر: قربان علي مهر) سلطانپور ڪڻڪ لهي وئي سرڪاري خريداري مرڪز نه کلڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سلطانپور: هاري ڪڻڪ ۾ ٿريشر هلائي رهيا آهن

عمرڪوٽ ۾ ايس ايڇ او گشت دوران بنا لاڪ وارا موٽرسائيڪل پنهنجي تحويل ۾ ورتا

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ سٽي ايس ايڇ او سيد الطاف شاهه گشت ڪري بنا لاڪ وارا موٽرسائيڪل پنهنجي تحويل ۾ ورتا تحويل ۾ ورتل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر پوليس ٻن مقابلن ۾ ٻن ۾ 2 ڏوهارين کي هاف فرائي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي

زبير علي نالي هڪ ڏوهاري کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ڏوهاري جي قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا

آباد ٿاڻي جي پوليس جو ڪنبو واهڻ لنڪ روڊ تي ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو ۽ هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن پوليس

سڪر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سڪر پوليس ٻن مقابلن ۾ ٻن ۾ 2 ڏوهارين کي هاف فرائي حالت ۾ گرفتار هٿيار هٿ سندن جا ساٿي فرار ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر: پوليس جي مبينا مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهن

پرياڻوءَ پرسان هڪ ئي رات ۾ ٻن ڳوٺن مان چور ٻن ٽرانسفارمرن کي لاهي قيمتي ڪوائل ڪڍي کڻي ويا

ٻن ڳوٺن ڳوٺ حبيب الرحمان بلوچ ۽ ڳوٺ ڪانيڙي ڦل پوٺو ۾ لڳل بجلي جي ٽرانسفارمرن کي لاهي اندران قيمتي ڪوائلون ڪڍي کڻي فرار ٿي ويا

ڳوٺاڻن پاران صبح جو سنيال خبر پوڻ بعد پنهنجي مدد پاڻ تحت چورن جي پيرن جا نشان ڪڍايا ويا جيڪي ڪجهه پنڌ اڳتي هلي سر نالي وٽ گم ٿي ويا

پوليس ڏوهارين سان مليل آهي تنهن ڪري پوليس حد ۾ گشت ڪرڻ بدران ٿاڻي ۾ آرام ڪري رهيا آهن معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: متاثر

پرياڻو (رپورٽر) پرياڻو ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ۾ واڌ اچي وئي گذريل هڪ ئي رات ۾ ٻن ڳوٺن مان نامعلوم چور بجلي جي ٻن ٽرانسفارمرن کي لاهي قيمتي ڪوائل ڪڍي کڻي ويا. پرياڻوءَ پوليس اڳهور ننڊ ستل. ڳوٺاڻن جو احتجاج. پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سامارو پوليس انتظاميه حرڪت ۾ اچي وئي، ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ گشت وڌائي ڇڏيو

شهر جي مختلف روڊن سميت مارڪيٽ، بس اسٽاپ، تعلقہ اسپتال ۽ شهر جي گلين ۾ چيڪنگ ڪرڻ جو سلسلو تيز

پنهنجن موٽر سائيڪلن ۾ چابي سوئچ ۾ لاڪ لڳرايو ۽ بازارن گلين ۾ موٽر سائيڪلن کي لاوارث نه ڇڏيو: پوليس

بدامني کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ شهري به پوليس انتظاميه سان سهڪار ڪن مختلف روڊن تي پوليس پاران گشت جو سلسلو تيز آهي

سامارو (رپورٽر) ضلعي عمرڪوٽ جيشان سامارو پوليس انتظاميه حرڪت ۾ سامارو پوليس انتظاميه پاران سامارو SHO احمد بخش راهمون ۽ DSP سامارو خدابخش ٽيبو ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات گشت وڌائي ڇڏيو شهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پوليس آفيسر کي عوام جو مددگار ۽ خيرخواهه ٿيڻ گهرجي، ڪوتاهي برداشت نه ڪبي: ايس ايس پي دادو

تازو ضلعي دادو جي فوتي ڪوٽا تحت ڀرتي ٿيل پوليس اهلڪارن جي اصلاح ڪئي وئي، عوام جا خادم آهيون

اي سيڪشن، بي سيڪشن ۽ جوهي ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪري منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو

مزمل جمالي، دوست علي ڪوريجو، محمد رمضان لغاري، زاهد عرف راحب روڊناڻي ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ڳالهيون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار نون ڀرتي ٿيل پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

دادو: پوليس ۾ نوان ڀرتي ٿيل جوان تربيت حاصل ڪري رهيا آهن

تلهار ۾ شهرين کان وڌيڪ اگهه وٺندڙ دوڪاندارن فروٽ فروشن خلاف ڪارروايون

تلهار (رپورٽر) تلهار رمضان المبارڪ جي پهاڙي مهيني ۾ عوام کي رليف ڏيارڻ جي حوالي سان مختيارڪار آصف رضا سومرو پاران شهر جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

سيتا سرڄهار فورم پاران 22 مهينا اڳ اغوا ٿيل نينگري جي بازيابي لاءِ احتجاج

معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شروع ڪيل جدوجهد کي 6 ڏينهن ٿي ويا

مشهور ميمڻ، شهزاد علي ميمڻ، شبير احمد بالادي، علي اڪبر خانزادو، آصف خانزادو شريڪ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سيتا سرڄهار فورم پاران 22 مهينا اڳ اغوا ٿيل سنڌ جي معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ شروع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٺٽي ٿاڻي جي حد اصحابي لنڪ روڊ ۽ گهارو پوليس اسٽيشن جي حد ۾ مقابلو، 2 ڏوهاري گرفتار

گرفتار جوابدار ٺٽي ۽ مکي جي مختلف علائقن ۾ ڌاڙن ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ ملوث آهي: ٺٽو پوليس

جوابدار اڪرم پٽ علي محمد چانڊيو کي فائرنگ جي ڏي وٽ ڪانپوءِ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي

گرفتار ٿيل جوابدارن وٽان 169 ڪلوچرس، 169 ڪلوچرس، 650 پڪيون گٽڪا ماوا هٿ ڪيو ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ٿاڻي جي حد اصحابي لنڪ روڊ ۽ گهارو پوليس اسٽيشن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: پوليس جي مبينا مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدارن جو ڏيک

ايس ايس پي ٽنڊو الهيار جي جوڙيل ٽاسڪ فورس جو ڪريڪ ڊائون

ٽنڊو الهيار (رپورٽر) ايس ايس پي ٽنڊو الهيار جي جوڙيل ٽاسڪ فورس جو ڪريڪ ڊائون 74 جوابدار گرفتار هٿيار ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات چرس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر جي ڊي سي پاران دارالامان ۾ رهندڙ بي گهر عورتن ۾ سامان تقسيم

دارالامان ۾ رهندڙ بي گهر عورتن ۽ ٻارن ۾ عيد جا نوان ڪپڙا ۽ جوڙيون ۽ ٻيو سامان ورهايو

دارالامان ۾ رهندڙ عورتن ۽ ٻارن ۾ وڌيڪ تحفا ورهائڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين: محمد بخش راجا

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد بخش راجا ڏاريجو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي ثوبيا فلڪ راٺو عيد الفطر جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سسٽم کي فوري طور تي بحال ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو وڃي: جنيد شيخ

بڪنگ ڪيل سامان ٻئي ڏينهن تي سکر ۽ ڀرپاسي وارن ضلعن ۾ ورهايو ويندو هو

ملڪ ۽ عوام جي مفاد ۾ هن نظام کي فوري طور تي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) آل سکر سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽري جي اڳواڻ جنيد شيخ ڊائريڪٽر جنرل پاڪستان پوسٽ اسلام آباد کان مطالبو ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سجاول ۾ ڳوٺاڻي هاري جو حڪومت طرفان اعلانيل ٻج ۽ پاڻ جي رقم نه ملڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ پانڌي ملاح جو رهواسي پانڌي ملاح سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

حڪومت طرفان اعلانيل ٻج پاڻ جي رقم من پسند ماڻهن ۾ تقسيم ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

برسات ۾ ڪافي نقصان ٿيو آهي مون کي حڪومت طرفان اعلانيل ٻج ۽ پاڻ جي رقم ڏني وڃي

سجاول (رپورٽر ممتاز علي نهڙيو) سجاول ۾ ڳوٺاڻي هاري جو حڪومت طرفان اعلانيل ٻج ۽ پاڻ جي رقم نه ملڻ خلاف احتجاج. سجاول ويجهو ڳوٺ پانڌي ملاح جو رهواسي پانڌي ملاح سورج سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
خميس 04 اپريل 2024ع

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون ڪي دَردَنِ:
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَ! ڪي ڏُکندَنِ:
تڏهين ڦَکِيون فَرَق ڪن، جڏهين اَمر ڪريو اِنِ ڪي.

چا پريا ڪماري ڪيس پنهنجي منطقي انجام طرف وڌي پيو

سچل پٽي

سنڌي ماڻهن جي ڀرپور احتجاج ۽ آواز اٿارڻ جي نتيجي ۾ پريا ڪماري ڪيس هڪ دفعو ٻيهر سرڪار جي ڌيان تي آيو آهي ۽ چيف جسٽس صاحب جي نوٽيس وٺڻ سان گڏ ڪيس ڪي ردي ۾ جي ٽوڪري ۾ مان ڪڍي پوليس به متحرڪ نظر اچي رهي آهي. جيتوڻيڪ "پوليس کي سڀ خبر آهي" جي چوڻيءَ جيان هن ڪيس بابت به ڪين ڪيئي حقيقتون معلوم آهن يا هونديون پر مٿن دٻاءُ به پاسي سگهجي ٿو. جو گذريل لڳ ڀڳ 32 مهينن کان مجرمانه خاموشي اختيار ڪندي عوام کي هاءِ پروفائل بڻيل ڪيس بابت آگاهي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. ڏوهه ٿيڻ کان پوءِ هڪ فطري قاعدي تحت اهڙا پيچرا ۽ پنڌ ناهيندو آهي. جو دير سوير ڏوهاري چاهي اهو ڪيترو به چالاڪ يا بااثر ڇو نه هجي، قانون جي ريڊار تي اوس نروار ٿيندو آهي. چاهي اهو ڏوهه معمولي نوعيت جو ڇو نه هجي! پريا جو ڪيس ته ڏوهارين جي ڦاسيءَ جي تقاضا ڪري ٿو. هاڻ اچو ته پريا ڪماري جي ڪيس تي سرسري نظر وجهون ٿا.

پوليس جي بيوسي يا غفلت؟

پريا ڪماري جي والد راجو مل پاران درج ڪرايل بيان (ايف آءِ آر) موجب تاريخ 19 آگسٽ 2021ع تي منجهند جو 3 وڳي پنهنجي گهر ٻاهران سبيل هلائيندي 7 سالن جي پريا ڪماري اغوا/غائب ٿي وڃي ٿي. 3 ڏينهن اوسي پاسي، مِٽن مائٽن وٽ ڳولها ڪان پوءِ 22 آگسٽ 2021ع تي ايف آءِ آر درج ڪرائي وئي. جيڪا قلم 364 ۽ 34 تعزيرات پاڪستان جي زمري هيٺ درج ڪئي وئي. مان اهو نه نٿو چاهان ته هينئر ڪورٽ ۾ ڪيس جي کهڙي نوعيت آهي پر اڳ جيان وري تفتيشي ٽيم جو جڙڻ پڌائي ٿو ته يا ته ڪيس جي تفتيش مڪمل نه ٿي سگهي آهي يا ڪيس کي ٺپ ڪيو ويو آهي. نه ته ڪرمنل ڪوڊ جي سيڪشن 173 تحت 14 ڏينهن اندر حتمي چالان جمع ٿيڻو هوندو آهي. ڪيس کي 32 مهينا ٿيڻ وارا آهن ۽ هن ڪيس جي تفتيش ايس پي رينڪ جي آفيسرن جي جوائنٽ ٽيم ڪئي آهي پر تنهن باوجود ڪيس بابت ڪي حقيقتون منظر تي نه اچڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن!؟ ڇا جوابدار ايترا بااثر آهن جو تفتيش جو عمل مڪمل نه ٿيو ٿئي!؟ قانون جو اهو طئي ٿيل اصول آهي ته تفتيش ۾ دير جو ڪارڻ جوابدارن جي ڪاتي ۾ ليکيو ويندو آهي. ٻئي طرف ايف آءِ آر ۾ قلم 364 لڳايو ويو آهي. جڏهن ته معصوم پريا ڪماري جي عمر 7 ۽ 10 سالن جي عمر جي اندر آهي ۽ تعزيرات پاڪستان تحت قلم 364-A لاڳو ٿي سگهي، جنهن ڏوهه جي سزا ڦاسي يا عمر قيد آهي. جڏهن ته 364 تحت ڏوهه جي سزا عمر قيد يا 10 سال تائين آهي. پوليس تعزيرات جي هر هڪ قلم کان بخوبي واقف آهي پر هن اهم ڪيس ۾ اها غفلت لاشعوري ته يقينن نه هوندي!

پريا ڪماري جي اغوا/غائب ٿيڻ جا ڪارڻ

ڪير اهڙو عمل، جنهن جي سزا جو تعين ٿيل هجي. سو ڏوهه جي دائري ۾ ايندو آهي. هر ڏوهه جي رونما ٿيڻ پويان ڪي نوس ڪارڻ هوندا آهن. خاص طور ٻارن جي اغوا پٺيان مک ڪارڻ سنڌن والدين سان دشمني يا ڪانئن ڪا اهڙي تقاضا ڪئي ويندي آهي. جنهن جي پورائي لاءِ سنڌن معصوم ٻار اغوا ڪيو ويندو آهي! ورنه هڪ معصوم ٻار سان دشمنيءَ جو ڪو جواز ناهي. پريا ڪماري جو اغوا به هڪ ناقابل ضمانت ۽ ناهه نه ڪرڻ جوڳو ڏوهه آهي. ٻارن جي اغوا جا عام طور تي هيٺيان ڪارڻ هوندا آهن:

* والدين سان ڪا دشمني يا رنجش
* والدين کان پنگ جي رقم خاطر
* ٻارڙيءَ سان جبري شادي
* ٻار جي کنهن ٻئي ملڪ سمگلنگ/منتقلي
* ٻار کان پنائڻ
* ٻار جو مذهب مٽائڻ
* کنهن ناپاڪ ارادي يا جنسي ڏاڍائي جو پورائو ڪرڻ

پريا ڪماري کنهن اغوا ڪئي؟

هڪ سروي مطابق ٻارن جي اغوا ۾ لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو اهي فرد ملوث هوندا آهن. جيڪي ٻارن جا مِٽ مائٽ يا اوڙي پاڙي جا هوندا آهن. ٻيا اهي اجنبي هوندا آهن. جيڪي پنهنجي عزائم جي پورائي لاءِ ٻارن کي ورغلائي، حيلن وسيلن سان يا زور زبردستي اغوا ڪندا آهن. ٻار جيئن ته معصوم ٿيندا آهن. سٺي خراب جي پرک کان عاري هوندا آهن ۽ جلد ئي کنهن اجنبيءَ سان به مانوس ٿي ويندا آهن. تنهنڪري ڏوهارين جو آسان شڪار هوندا آهن. کين ٽافي چاڪليٽ يا خرچيءَ جي لالچ ڏيئي اغواڪار آسانيءَ سان ڪارروائي ڪري ويندا آهن. پريا ڪماري ڏينهن ڏٺي جو 10 محرم تي سبيل هلائيندي اغوا ٿي آهي. غور ڪرڻ سان هيٺيان نتيجا سامهون اچن ٿا:

* پريا جو زور زبردستي سان اغوا نه ٿيو آهي. ورنه ڏينهن ڏٺي جي اهڙي اغوا تي ضرور ڪو هل هنگامو ٿئي ها يا ڪي اکين ڏٺا گواهه هجن ها. ان ڪري کنهن اجنبي جو واقعي ۾ ملوث هجڻ جو امڪان نه هئڻ برابر نظر اچي ٿو.

* پريا جي اغوا ۾ قوي امڪان اهو نظر اچي ٿو ته سنڌس اغواڪار ڪان پريا ڪماري پهرين پهرين واقف هوندي. جيڪو ڪيس ڪابه لالچ ڏيئي آسانيءَ سان اغوا ڪري ويو. يقينن اغواڪار اهو شخص يا ڪيئي شخص هوندا. جن ڪان علائقي واسي به واقف هوندا. پنگ جي طلب نه ٿيڻ سبب اهو غالب امڪان آهي ته اغواڪار يا ته پريا ڪماري جي خاندان ڪان ڪو ويرونڻ چاهين ٿا يا پنهنجن ڪن ناپاڪ ارادن جي تڪميل چاهين ٿا.

پريا ڪماريءَ سان ڇا ٿيو؟

ڏوهاري جڏهن ڏوهه ڪندو آهي ته پنهنجي ان عمل کي لڪائڻ لاءِ ٻيا اهڙا عمل يا حرڪتون ڪندو آهي. جو قانون جو رستو نهندو ويندو آهي. گهڻي ڀاڱي ڏوهاري ٻارن جي اغوا واري ڏوهه ۾. جي سنڌن ارادو ڪين حوص جو نشانو بڻائڻ هوندو آهي ته ٻارن سان ڏاڍائي ڪري ڪين ابدي ننڊ سمهاريو ويندو آهي يا سنڌن گهر ڀوري ٽيڻ کان پوءِ کين ڇڏيو ويندو آهي ۽ جي پوليس چستي ڏيکاريندي آهي ته کين بچائي ۽ ڇڏائي به وٺندي آهي. پريا ڪماريءَ کي اغوا ٿئي 32 مهينا گذري چڪا آهن ۽ پوليس جي تفتيش به اڃا پوري ناهي ٿي. تنهن ڪري اهو خدشو پختو ٿي رهيو آهي ته خدا نه خواسته پريا سان ڪجهه برو نه ٿيو هجي. جي ڳالهه زبردستي نڪاح يا مذهب جي تبديليءَ جي هجي ها ته پريا پنهنجي والدين سان ضرور رابطي ۾ اچي ها پر هتي ته ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪيس زمين ڳهي وئي هجي يا آسمان ڪائي ويو هجي! جو رياست به ڪيس بازياب ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي يا اغواڪار رياست کان به ڏاڍا آهن. خود ڪجهه وقت ڪان پريا ڪماريءَ جي والدين جو سنگرار ڇڏي اچڻ ۽ اميد ٽٽڻ مان به اهو تاثر ملي ٿو ته پريا جي حوالي سان اهي پرامید ناهن.

پريا جي والدين ۽ هندو برادريءَ کي ملندڙ ڏوراپا

پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ هاڻوڪي هلچل ۾ پريا جي والدين ۽ هندو برادريءَ کي به تنقيد جو نشانو بڻايو پيو وڃي. ايتري تائين جو ڪجهه صحافين پاران پريا جي امڙ جي ڪردارڪشي ڪئي پئي وڃي. دراصل اهڙي قسم جي شعوري شيطاني پروپيگنڊه جو مقصد سازشي ٿيورين کي ڦهلائي ڪيس کي لٽي مٽي ڪرڻ نظر اچي ٿو. سنڌي هندو به ٻين سنڌين جيان پرامن ۽ گهڻي ڀاڱي ڪاروباري ماڻهو آهن. ورهاڱي ڪان پوءِ هنن لاءِ معروضي حالتون اهڙيون جوڙيون ويون آهن. جو کين احتجاجن ۽ ڌرڻن جي سياست وارو نٿي ڪائي. تنهن باوجود هنن هر احتجاج ۾ پاڻ ملهايو آهي. هو ڌرتيءَ ڌٽي آهن ۽ پنهنجي ڌرتي ۽ ٻوليءَ سان ايتري ئي محبت ڪن ٿا. جيتري اسين! تنهن ڪري جيڪر پريا جي بازيابيءَ جي تحريڪ ۾ هندو برادري ۽ پريا جي والدين کي گڏ ڪٺي هلڻ چاهيو ٿا يا تحريڪ کي تقويت ڏيڻ چاهيو ٿا ته سوچ جو محور مٽائڻو پوندو!

ان سموري بحث کي سهيڙيندي ان نتيجي تي پهچون ٿا ته پريا ڪماري جي اغوا ۾ يا ته ڪي وڏا هٿ شامل آهن يا کين اهڙن هٿن جي پشت پناهي حاصل آهي. آئي ڏينهن هندو برادريءَ سان اهڙا واقعا کنهن منظم سازش جو نتيجو به ٿي سگهن ٿا ته جيئن کين لڏپلاڻ تي مجبور ڪري سنڌن مال مڏيءَ تي قبضو ڪجي! چو ته امن پسندي انهن قوتن جي وڏي دشمن آهي.

پريا ڪماري جو ڪيس هينئر تفتيش هيٺ آهي. انڪري سوشل ميڊيا تي هلندڙ امڪانن، خدشن ۽ افواهن تي تيستائين ڪا حتمي راءِ نٿي جوڙي سگهجي. جيستائين تفتيش ۾ انهن جي ثابتي ملي! پر اسان جي ادارن کي کنهن به سياسي شخصيتن يا بااثرن جي دٻاءَ کان آجو ٿي صاف شفاف انويسٽيگيشن ڪرڻ گهرجي ۽ حقيقتن کي عوام تائين پهچائڻ گهرجي.

آرٽيڪل پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پنهنجي

ايراني سفارت خاني تي حملو، سڄي خطي ۾ جنگ جي پکڙجڻ جو خطرو

تحرير: نثار لغاري

دنيا خطرناڪ موڙ تي پهچندي پئي وڃي ڪو به هڪ وڏو واقعو عالمي سطح تي وڏي جنگي بحران ۾ بدلجي سگهي ٿو اسرائيل جو دمشق ۾ ايران جي سفارت خاني تي حملو موجوده دور جو ڪو عام معمولي واقعو ناهي جيڪي اهو سمجهن ٿا اهي لاعلم يا سادا آهن جنگ هر ڏينهن پکڙجي رهي آهي

هڪ طرف يورپ ۾ يوڪرين روس جنگ جاري هئي ته وري اوچتو عرب خطي ۾ به جنگ ڇڙي پئي جيڪا هاڻ چاليهه هزار کان وڌيڪ فلسطيني مارجڻ جي ڪري وڌي رهي آهي اسرائيل مڪمل طرح چٽو ٿي پيو آهي هو هن خطي ۾ لاڳيتي جنگ کي پکيڙي رهيو آهي سامراجيت ۾ هي جنگ ڦهلجڻ اڻ ٽر آهي جيڪو ٿي رهيو آهي اسرائيل هاڻ رسمي طور آمريڪا جي به ٽلو پڌي

ايران تي هن تازو پهرين اپريل تي عالمي قانونن جي سخت خلاف ورزي ڪري شام جي شهر دمشق ۾ سفارتخاني تي حملو ڪيو آهي اسرائيل هن وقت اهو سمجهي رهيو آهي ته جيڪڏهن هن ايران کي سوڙهو نه ڪيو ته سندس وجود ختم ٿي ويندو جيڪو اڳ ئي ڪمزور بنيادن تي بيهاريل آهي اسرائيل جا حملا سڄي دنيا لاءِ خطرناڪ آهن پر هن وقت سامراجي دنيا ۾ طاقتور قوتون جنگ کي کنهن نه کنهن طريقي چيڙي پنهنجي معاشي سامراجي مفادن لاءِ هن سموري دنيا کي برباد ڪرڻ لاءِ بربريت برپا ڪرڻ چاهين ٿيون هن جو نتيجو ڀيانڪ نڪرندو هي جنگ هڪ عالمي جنگ ۾ بدلجي ويندي

اسرائيل جي حملي جا تفصيل شام جي اختياريءَ وارن ۽ سرڪاري ميڊيا سومر ڏينهن اطلاع ڏنو آهي ته شام ۾ هڪ اسرائيلي هوائي حملي ۾ ايراني قونصل خاني جي عمارت تباهه ٿي وئي آهي، جنهن ۾ به سينئر ايراني فوجي آفيسر ۽ ڪيترا ٻيا فرد مارجي ويا آهن

شام جي ٽي وي چينلز جي مطابق، جن منجهان هڪ ايراني عربي زبان جو چينل 'العالم' ۽ ٻيو 'پين عرب' چينل 'الميادين' شامل آهي. چيو آهي ته حملي ۾ ايراني فوجي صلاح ڪار جنرل علي رضا زاهدي مري ويو آهي، جنهن 2016 تائين لبنان ۽ شام ۾ ايليٽ قدس فورس' جي سروائي ڪئي هئي. حملي ۾ زاهديءَ جي نائب، جنرل محمد هادي هجري هيمي ۽ پنج ٻيا آفيسر به ماريا ويا آهن

ائين ٿو لڳي ته ايران جي سفارت خاني جي اڳڻ تي حملو اسرائيل جي پاران شام ۾ ايراني فوجي عهديدارن ۽ انهن جي ساٿين کي نشانو بڻائڻ لاءِ ڪيو ويو حملو اهڙي ڪاروائيءَ ۾ واڌ اچڻ جي نشاندهي ڪري ٿو جنهن ايران جي حمايت يافتا حماس جي هٿياربندن پاران ستين آڪٽوبر تي اسرائيل تي حملي کان پوءِ شدت اختيار ڪري ورتي آهي

ان کان پوءِ اسرائيل ۽ حزب الله جي وچ ۾ جهڙپن ۾ واڌ آئي آهي جيڪو هڪ اهڙو هٿياربند گروهه آهي جنهن کي ايران جي حمايت حاصل آهي . اسرائيل جيڪو هن قسم جي حملن کي گهٽ ئي قبول ڪندو آهي، چيو آهي ته هو شام ۾ هن تازي ترين حملي بابت ڪو تبصرو نه ڪندو. شام جي سرڪاري خبرن جي اداري 'سنا' مطابق، حملي ۾ ايراني قونصل خاني جي عمارت مٽيءَ جو ڍير بڻجي وئي آهي. جڏهن ته ان جي سفارت خاني جي عمارت کي ڪو خاص نقصان نه پهتو آهي. ايران جي سفير حسين اڪبريءَ اسرائيل جي مذمت ڪندي چيو آهي ته ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست ڄڻا مارجي ويا آهن. هنگامي امدادي ڪارڪن اڃان تائين مٽيءَ جي ڍِگ مان لاش ڪڍي رهيا آهن. اڪبريءَ چيو ته عمارت جي حفاظت ڪرڻ وارا ٻه پوليس اهلڪار زخمي ٿيا آهن. هن حملي جو پلاٽ "ساڳي شدت ۽ سختيءَ سان وٺڻ" جو عزم ظاهر ڪيو آهي

اسرائيلي فوج جي چيف ترجمان، ريئر ايڊمرل ڊينيئل هگاريءَ سومر ڏينهن سومهڻيءَ جو الزام لڳايو ته سومر جي صبح ڏکڻ اسرائيل ۾ هڪ ساموندي اڏي تي حملو "ايران جي هدايت" تي ڪيو ويو. اسرائيلي فوج چيو آهي ته ان ۾ ڪو جاني نقصان نه ٿيو ۽ عمارت کي رڳو ننڍڙو نقصان رسيو. فلسطيني هٿياربند گروپ 'اسلامي جهاد' جنهن کي ايران جي حمايت حاصل آهي، اسرائيل تي الزام مڙهيو آهي ته اهو غزا ۾ تڪرار کي ڦهلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

واشنگٽن ۾ قائم ٿنڪ ٽينڪ 'مڊل ايسٽ انسٽيٽيوٽ' جي شام متعلق پروگرام جي ڊائريڪٽر چارلس لسٽر ان حملي کي هڪ "وڏي واڌ" قرار ڏنو آهي. هن سوشل ميڊيا پليٽ فارم 'ايڪس' تي لکيو آهي ته يقيني طور تي حملي جي خلاف جوابي ڪارروائي ڪئي ويندي. شام جي پرڏيهي وزير، فيصل مقداد چيو آهي ته ڪيترا فرد ماريا ويا ۽ ساڳئي عهدي واري پنهنجي ايراني ساٿيءَ سان ڳالهائيندي هن اسرائيل جي مذمت ڪئي

ايران جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ناصر ڪنانيءَ ٻين ملڪن کان اسرائيلي حملي جي مذمت ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي. ايران جي سرڪاري ٽيلي ويزن چيو آهي ته ايراني سفير جي رهائش گاهه قونصل خاني جي عمارت جي اندر هئي. جيڪا سفارت خاني سان گڏيل آهي. مرڪزي سفارت خاني جي عمارت کي ڪو نقصان نه پهتو آهي.

اسرائيل ويجهڙ وارن سالن ۾ شام جي حڪومت جي ڪنٽرول وارن علائقن ۾ هدفن تي سوين حملا ڪيا آهن. غزا جي پٽيءَ ۾ حماس جي خلاف اسرائيل جي جنگ ۽ لبنان-اسرائيل سرحد تي اسرائيلي فوج ۽ حزب الله جي وچ ۾ جاري جهڙپن جي پس منظر ۾ تازن مهينن دوران هن قسم جي هوائي حملن ۾ واڌ آئي آهي. جيتوڻيڪ اسرائيل شام ۾ پنهنجي ڪاروائين کي گهٽ ئي قبول ڪندو آهي. پر هن چيو آهي ته هن لبنان جي حزب الله جهڙين ايران جي اتحادي هٿياربند گروهن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو آهي. جنهن شام جي صدر بشار الاسد جي فوج جي حمايت جي لاءِ هزارين ويڙهاڪ موڪليا آهن

ڊسمبر ۾ دمشق جي هڪ وسنديءَ جي ويڙهي ۾ هڪ اسرائيلي هوائي حملي ۾ شام ۾ ايران جي نيم فوجي جٿي، 'پاسداران انقلاب' جو هڪ پراڻو صلاح ڪار سيد رضي موسوي مارجي ويو هو جنوريءَ ۾ دمشق ۾ هڪ عمارت تي ساڳيءَ طرح جي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج ايراني صلاح ڪار ماريا ويا هيا.

پوئين هفتي عراقي سرحد جي ويجهو شام جي اوڀر واري اسٽريٽجڪ صوبي، دير الزور تي هوائي حملي ۾ هڪ ايراني صلاح ڪار مارجي ويو هو. جيڪڏهن عالمي امن جون ڪوششون نه ٿيون ته ايران جو جوابي حملو هڪ وڏي جنگ طرف وڌي سگهي ٿو ايران هن حملي جو جواب ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ضرور ڏيندو

ملڪ کي 'لڪي ايراني سرڪس' نه بڻايو!

اسان جي ملڪ ۾ بحرانن جو بهار آيل آهي. نوان رنگ ۽ نوان نظارا جابجا ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. اڃان هڪ بحران جو دم ئي نٿو ٽٽي ته ان کان اڳ ٻيو بحران ڪني ڪڍيو بيٺو آهي. خبرون ايترين تيزيءَ سان اچڻ لڳيون آهن، جو ماڻهن کي تبصري جو موقعو ئي نٿو ملي. مخصوص سيٽن تي ڪي پي ڪي ۾ چڪتاڻ واري صورتحال ڪانهوءِ اليڪشن ڪميشن طرفان ڪي پي ڪي ۾ سينيٽ جون چونڊون ملتوي ڪيون ويون آهن. جنهنڪري صرف ٽن صوبن ۾ ڪالهه سينيٽ جون چونڊون ٿي سگهيون آهن. جنهنڪري سينيٽ چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين جون چونڊون ٿي نه سگهنديون. ڪالهه سينيٽ چونڊن واري ڏينهن اڃان سياسي جماعتن جي "واڌايون- واڌايون" واري راند جاري هئي ته ان کان اڳ ئي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 8 ججن کي ڌمڪين وارا پائوڊر سان ڀريل خط وصول ٿيا آهن. جنهن سان پڻ خوف ۾ واڌارو ٿي ويو آهي. توڙي جو انهن خطن ۾ هيسٽائين اينٿريڪس پائوڊر هجڻ جي تصديق ناهي ٿي پر خوف ۽ غير يقينيءَ جي ڪوهيڙي ماحول کي وڪوڙي ورتو آهي. سياستدان "ميوزيڪل چيئر (راند) ۾ مشغول آهن. ملڪ جي گاڏيءَ جي ڊرائيونگ سيٽ تي جيڪي ويٺل آهن. انهن کان ڏيوالپڻي ۽ خساري سبب ڪتارا بڻيل هي انتظام جي گاڏي هلي ئي نٿي. اهي نه اها گاڏي همواز نموني هلائين ٿا ۽ نه ئي 'اسٽيئرنگ' مان هٿ ٿا ڪڍن!

هي ملڪ آهي يا تماشگاهه؟ روز نوان نوان تماشا جاري آهن. هر روز 'لڪي ايراني سرڪس' جهڙو نئون سرڪس هلي رهيو آهي. ڪڏهن سياستدان اسٽيبلشمينٽ جي رسيءَ تي هلي پنهنجي ثابت قدمي ڏيکاريندي عوام کي وندرائين ٿا ته ڪڏهن وري اسٽيبلشمينٽ حڪومتي شينهن کي هنٽر تي هلائي ٿي. ڪڏهن عوام کي نت نون 'تان اشوز' ۾ الجهائي موت جي کوهه جو مشاهدو ڪرايو وڃي ٿو. ڪير چوندو ته هي ائٽمي سگهه رکندڙ ملڪ آهي. جنهن جا حڪمران ڪشڪول کڻي دنيا جي ملڪن جي در در تي گداگري ڪندي نظر اچن ٿا پر هاڻي ته اتان به "معاف ڪريو بابا" جهڙيون ورنديون ملڻ ڪانپوءِ انهن عوام کي آءِ ايم ايف جي ديويءَ جي چرنن ۾ بليدان ڪرڻ واري واٽ ورتي آهي. ڪڏهن بجلي مهانگي ڪئي وڃي ٿي ته ڪڏهن وري گئس ۽ تيل جا اگهه وڌائي مهانگائيءَ جو سونامي آندو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري اضافي ظالماڻا ٽيڪس مڙهي عوام جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪيا وڃن ٿا. اسان جي حڪمرانن جا ڪرم ۽ ڪرت اهڙي آهي. "جيئان لوڪ لڄ ٿئي". پر نه اسان جي اسٽيبلشمينٽ کي ڪو اونو آهي ۽ نه ئي وري سياسي قيادت کي کنهن قسم جي اَڻ تڻ. دنيا ان 'تماشي جو تماشو' انتهائي حيرت سان ڏسي رهي آهي. ڪالهوڪي ڏينهن تي ٽن صوبن ۾ ٿيل سينيٽ جي چونڊن به ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. جيئن ته قومي اسيمبلي عوام جي نمائندگي ڪندي آهي ۽ سينيٽ، جنهن کي مٿيون ايوان به چئبو ٿو، صوبن جو نمائنده فورم آهي. ان ايوان ۾ سمورن صوبن جي هڪ جيتري نمائندگي هوندي آهي پر اسان جو الميو اهو آهي ته هڪ صوبي جي ماڻهن کي ٻئي صوبي مان سينيٽ جو ميمبر چونڊرايو وڃي ٿو. جيڪو سينيٽ جي روح جي خلاف آهي. ان سان نه صوبن جي نمائندگي نه ٿي! مختلف پارٽين جا سربراهه سينيٽ لاءِ نامزدگيون جاگيرن وانگر ورهائين ٿا. خاص طور تي مخصوص سيٽن لاءِ نه اهو ويساهه سان چئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن سينيٽ جي ميمبرشپ لاءِ انهيءَ صوبي جي ڊوميسائل جو شرط لازمي قرار ڏنو وڃي ته ان مشق کي روڪي سگهجي ٿو. چو ته هڪ صوبي جي ميمبر کي ٻئي صوبي مان سينيٽر چونڊرائڻ سان ان صوبي جي حق تلفي ٿئي ٿي ۽ ان صوبي جي نمائندگيءَ سان انصاف نٿو ٿئي.

هونئن ته هن ملڪ ۾ هر موسم بحرانن جي موسم هوندي آهي پر هن ڀيري بحران موسمي نه پر لڳي ائين ٿو ته هتي مستقل مسڪن ٺاهي ترسي پيا آهن. اسان جا حڪمران بحرانن جي اڳيان بيوس بڻيل آهن. جيئن تيئن ڪري قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون ته ٿي ويون ۽ حڪومتون به جڙي ويون پر سينيٽ جو ايوان مڪمل ٿي نه سگهيو آهي. حڪمرانن کي معاملن جي سنگينيءَ جو ادراڪ ڪرڻ گهرجي ۽ معاملي کي ڳالهه ٻولهه ۽ سنجيدگيءَ سان نبيرڻ جي لاءِ قدم کڻڻ گهرجن. چو ته سينيٽ جي چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين جي چونڊ جو دارومدار سينيٽ جي ايوان جي مڪمل هجڻ تي آهي.

بقايا 01 ***

جنرل کي هدايت ڪئي ته اهو عدالتن مان پرتين تي پابندين کي ختم ڪري. اجلاس دوران سنڌ جي وڏي وزير هدايو ته ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج امپرومينٽ پراجيڪٽ (ڪي ڊبليو ايس آءِ پي) ڊونر ايجنسيز جي تعاون سان 100 ملين ڊالر جا پراجيڪٽس شروع ڪيا آهن ...

جو عزم پڻ ڪيو. آصف زرداري هڪ مخصوص سياسي پارٽي ۽ ان جي ڪجهه ماڻهن طرفان اداري ۽ ان جي قيادت خلاف محدود سياسي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ لڳايل بي بنياد ۽ بنا جواز جي الزامن تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ اهڙن عناصرن کي سختي سان منهن ڏيڻ جو ارادو پڻ ظاهر ڪيو

بقايا 25 ***

۾ ملڪي معاشي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي. ذريعن مطابق وفاقي ڪابينا ...

تڪن ۾ پيپلز پارٽي ڪامياب ٿي آهي، اهو ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته چونڊيل نمائندن کي ڏاڍڙن جي سرپرستي حاصل آهي.

بقايا 01

تي ايس ٽي پي اڳواڻن سڪندر مگسي، جاني مگسي، ڪيلا رام اوڊ، شاهنواز ڪيريو، عبدالقادر جيلاني، سجاد خاصخيلي، عابد ڪيريو، ڏاڏو مگسي نجيب الله ڪيريو، ايس يو پي جي ايوب ڪوسو محمد بچل ڏهيو، عوامي ورڪرس پارٽي جي نيڪ ڪيريو ۽ ٻين چيو ته هارين ۽ ننڍن ڪاٽيدارن کي ڪڻڪ جو باردانو ڏئي سرڪاري ريٽ تي ڪڻڪ وٺڻ جي بجاءِ سياسي مفادن لاءِ ايم اين اي ۽ ايم پي اي جي خاندانن کي ۽ ڊانڊليون ڪري ڪين ڪنرائينڊڙ رئيسن کي باردانو ڏنو پيو وڃي. هنن چيو ته 500 سو روپيا في بوري تي واپارين کان رشوت وٺي باردانو ڏيندڙ فوڊ جي آفيسرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر کان مطالبو ڪندي چيو ته ڪڻڪ جي باردانا جي منصفانا ورهاست ڪري هارين ۽ ننڍن ڪاٽيدارن کي به باردانو ڏنو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي ڪئمپ قائم رهندي ۽ جدوجهد جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 02

مطالبو. تفصيل موجب پير ڳوٺ جي رهواسين پاران ميرپور ماٿيلو ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو شيراز بوزدار ولد تاج محمد بوزدار ۽ معمونه شيخ ڌي عبدالوحيد شيخ دربدر واري زندگي گذارڻ لڳو آهي، جڏهن ته پيار جا دشمن پريمي جوڙي جا ويري بڻجي ويا آهن جنهن سبب جوڙي جي زندگي کي خطرو آهي. هوڏانهن پريميڪا معمونه شيخ جي وارثن پاران پريمي شيراز بوزدار جي وارثن جبار بوزدار ۽ ٻين مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن سبب پريمي جوڙو سخت پريشان آهن. پريمي جوڙي پاران ميرپور ماٿيلو ۾ تحفظ لاءِ احتجاج ڪيو ان موقعي تي ...

...

مڪي ايشور لال جو وڏيڪ چوڙهو ته اسان پريس ڪلب کان هيرلوءِ بائي پاس تائين مارچ ڪري رستو بند ڪيو سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ پريا جي بازيابي لاءِ احتجاج ٿي رهيا آهن پر منهنجي نياڻي جي هن مهل تائين ڪا به خبر ناهي پئي والد پريا ڪماري راجڪمار اگ به جي آئي ٽيز جڙيون هيون هن جي آئي ٽي مان به مطمئن ڪندڙ نتيجن جي اميد نٿا رکي سگهون.

... شڪر گذار آهيون اسين سنڌ ۾ رهندڙ هندو اذيت جو شڪار آهيون ظلم کان تنگ ٿي 12 سيڪڙو هندو برادري ملڪ ڇڏي ويا آهن هندو برادري جي ڪاروباري ماڻهن کي اغوا ڪري پنگ ۽ ڀتو به گهريو پيو وڃي ٿو اسين بنيادي طور تي پ پ سان گڏ آهيون ان باوجود پ پ چيئرمين يا وڏي وزير مراد علي شاهه ڪڏهن به اسان کي گهرائي ڏک سور ناهي پڇيو جڏهن ته ...

بقايا 35

تي ڌوهارين سان ڀت هڻڻ جو الزام متاثر ڳوٺاڻن پاران ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺي تدارڪ جو جو مطالبو تفصيل موجب پريالوءِ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني واڌ اچي وئي آهي گذريل رات ديرسان نامعلوم چورهڪ ٿي رات ۾ ٻن ڳوٺن ڳوٺ حبيب الرحمان بلوچ ۽ ڳوٺ ڪانهيڙي ...

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com